آسان سنڌي

اٺين ڪلاس لاءِ

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو

Scanned by CamScanner

آسان سنڌي

اٺين ڪلاس لاءِ

سِنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو

ڇپيندڙ:
سنڌي ڪتاب گهر- ڪراچي

Scanned by CamScanner

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا
سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄامشورو سنڌ وٽ محفوظ آهن.

○

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄامشورو جو تيار ڪرايل،

○

تعليم کاتي جو سنڌ صوبي جي اسڪولن لاءِ
واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل.

○○○

نگرانِ اعليٰ : **پروفيسر عبدالعزيز مهراڻوي**
چيئرمن، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

نگرانَ : سيد امداد حسيني ✱ شفيع محمد چانڊيو

مُصنف:
○ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
○ ڊاڪٽر نواز علي شوق
○ پروفيسر مير محمد نظاماڻي

ايڊيٽر
○ ڊاڪٽر غلام علي الانا

هي ڪتاب پنجاب پرنٽنگ پريس ڪراچي ۾ ڇپيو.

Scanned by CamScanner

فهرست

نمبر	عنوان		صفحو
١	حمد ————————	(نظم)	١
٢	پاڻ سڳورنﷺ جو دشمنن سان ورتاءُ		٣
٣	نعت ————————	(نظم)	٥
٤	حضرت ابو ايوب انصاري رضہ		٧
٥	بُرائيءَ جو بدلو بُرائي نہ آهي		٩
٦	شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ		١١
٧	قومي ايڪو ————————	(نظم)	١٤
٨	جيٽ جهاز		١٦
٩	شهريءَ جا حق ۽ فرض		١٨
١٠	لطف الله سورتيءَ جو سنڌ جو سفرنامو		٢١

Scanned by CamScanner

نمبر	عنوان	صفحو
١١	سري لنڪا	٢٣
١٢	بهار آيو .... (نظم)	٢٦
١٣	گُلاب جو گُل	٢٨
١٤	آمريءَ جو دڙو	٣٠
١٥	پاڪستان جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو	٣٢
١٦	حب الوطني .... (نظم)	٣٥
١٧	ڳوٺ جو سير	٣٧
١٨	مَلهه	٣٩
١٩	بکر جو قلعو	٤٢
٢٠	دستڪاري	٤٤
٢١	پورهئي جي اهميت .... (نظم)	٤٧
٢٢	عمر ڪوٽ	٤٩
٢٣	ڪنيار	٥٢
٢٤	علم جي روشني	٥٤
٢٥	اخلاقي قدر .... (نظم)	٥٧

Scanned by CamScanner

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

سبق پهريون

حمد

تون ئي رهنما تون ئي رهبر آسان جو،
تون خالق تون مالڪ سموري جهان جو.

تون سَتّار آهين تون غفّار آهين،
نہ توڪان سِواءِ ڪو بہ واهر وسيلو،
هِتي ۽ هُتي تون مددگار آهين،
سِوا تنهنجي سائين هلي ڪو نہ حيلو:

ڏئين تو اي ڏاتار توڪان گهران جو،
تون خالق تون مالڪ سموري جهان جو.

جڏهن رات اُوندهہ تي آئي جهان تي،
تڏهن چنڊ تارن کي روشن ڪرين ٿو،
سدا مهر جا مِينهَن مولا وسائي،
ٿرن ۽ برن کي تون گلشن ڪرين ٿو:

زمين کي تو پهرايو تاج آسمان جو،
تون خالق تون مالڪ سموري جهان جو.

Scanned by CamScanner

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- سموري جهان جو خالق ۽ مالڪ ڪير آهي؟

٢- جڏهن رات اونده ٿي آئي تڏهن الله تعاليٰ ڇا ٿو ڪري؟

٣- مولا ٽرن ۽ برن کي ڪيئن ٿو گلشن ڪري؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

خالق- ڏاتار- سموري- واهر- وسيلو- اونده- مينهن.

(حمد جي معنيٰ آهي ساراهه، حمد ان نظم کي چئبو آهي، جنهن ۾ الله تعاليٰ جي وڏائي، ان جي نعمتن جو ذڪر ۽ شڪر ڪيل هوندو آهي.)

Scanned by CamScanner

سبق ٻيو

پاڻ سڳورن صلّي الله عليه وآلهٖ وَسلّم جو دشمنن سان ورتاءُ

حضرت محمد صلّي الله عليه وآلهٖ وَسلّم، الله تعاليٰ جا آخري نبي آهن. پاڻ سڳورن، الله جو جيڪو پيغام آندو، اُهو هر قوم ۽ هر زماني لاءِ آهي. نبي ڪريم صلّي الله عليه وآلهٖ وَسلّم، ڪنهن هڪ خطي لاءِ نه، بلڪ سڄي عالم لاءِ رحمت بڻجي آيا هئا.

پاڻ سڳورن کي جن ماڻهن تڪليفون ڏنيون، انهن کي به ڪڏهن بددعا نه ڏنائون. نبي ڪريم صلّي الله عليه وآلهٖ وَسلّم پنهنجي ڪٽر دشمنن کي به معاف فرمايو، اهڙا ڪيترائي واقعا تاريخ ۾ لکيل آهن. هتي ان ڏس ۾ ٻه واقعا توهان جي آڏو پيش ڪريون ٿا:

خيبر جي هڪ يهودي عورت زينب بنت الحارث، گوشت ۾ زهر وجهي، پاڻ سڳورن کي کارايو. انهيءَ يهودي عورت پنهنجو ڏوهه به قبول ڪيو. پر نبي ڪريم صلّي الله عليه وآلهٖ وَسلّم ان عورت کي معاف فرمايو.

هڪڙي ٻيري جي ڳالهه آهي، ته نبي ڪريم صلّي الله عليه وآلهٖ وَسلّم کي هڪ يهوديءَ زيد بن سعنه جو قرض ڏيڻو هو. قرض واپس ڪرڻ ۾ اڃا ٽي ڏينهن باقي هئا، پر اُهو يهودي ٽي ڏينهن اڳ ۾ ئي اچي بيهي رهيو ۽ قرض واپس گهريائين. انهيءَ يهوديءَ، حضور صلّي الله عليه وآلهٖ وَسلّم جي ڪلهي تان چادر لاهي ورتي. هن، پاڻ سڳورن جي ٻهراڻ کي جهلي سختيءَ سان چيو ته: "عبدالمطلب جو اولاد قرض وٺي ڪڏهن به واپس نه ڪندو آهي."

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنهُ به اُتي موجود هو. هن، انهيءَ يهوديءَ کي دڙڪو ڏنو ۽ سختيءَ سان جواب ڏنو. پاڻ سڳورا، اهو سڀ ڪجهه ڏسندا، مُرڪندا رهيا. ان کان پوءِ حضرت عمر فاروق رضه کي چيائون ته:

"عمر! توکي مون سان ۽ هن سان ٻئي نموني جو ورتاءُ ڪرڻ کپندو هو. تون مون کي چئين ها ته قرض ادا ڪرڻ گهرجي ۽ هن کي سيکارين ها، ته قرض سٺن لفظن ۾ گهرڻ گهرجي."

پاڻ سڳورن حضرت عمر رضه کي وڌيڪ فرمايو ته: "وڃ هن جو قرض ادا ڪر." نه رڳو اهو، پر ڪيس اهو به چيائون ته يهوديءَ کي اصل قرض کان هڪ مڻ ۽ پوڻا چار سير اناج وڌيڪ ڏڃ. اهو ان ڪري جو حضرت عمر رضه انهيءَ يهوديءَ کي دڙڪا ڏنا هئا.

Scanned by CamScanner

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- پاڻ سڳورن جو پنهنجي ڪٽر دشمنن سان ڪهڙو ورتاءُ هو؟

٢- حضور صلّي اللهٰ عليه وآلهٖ وَسلّمَ جن حضرت عمر رضہ کي ڪهڙي نصيحت ڪئي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

خطي- پيغام- عالم- ڪٽر- ڏوهہ- ورتاءُ

(ج) خاڪي هيٺ ڏنگين ۾ ڏنل لفظن مان صحيح لفظ چونڊي ضد لکو:

آخري	
سچي	
جواب	
آڏو	
وچ	
وڏيڪ	

(اڄ- سوال- گهٽ- پهريون- پٺيان- اڏ)

(هہ) هيٺيان خال ڀريو:

١- پاڻ سڳورن پنهنجي ________ دشمنن کي بہ معاف فرمايو.

٢- ________ بہ اُتي موجود هو.

٣- انهيءَ ________ عورت پنهنجو ڏوهہ بہ قبول ڪيو.

Scanned by CamScanner

سبق ٽيون

نعت

مُحمّد جا آهن ڪرم ڪيترا،
ستارا نہ ٿيا عرش تي، ايترا.

غريبن جو غمخوار آهي اُهو،
اڙين جو تہ آڌار آهي اُهو.

" نہ ڪاري ڪان ڳورو مٿاهون ٿيو،"
" سڀ انسان ٻائر ٿيا"، هن چيو.

ملي راھ تن کي، رُليل جي هئا،
ملي تن کي منزل، ڀُليل جي هئا.

مُحمّد جا ڪيڏا نہ احسان ٿيا،
غلاميءَ مان آزاد انسان ٿيا.

- امداد حسيني

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- غريبن جو غمخوار ڪير آهي؟

٢- راھ ڪنهن کي ملي؟

٣- منزل ڪنهن کي ملي؟

Scanned by CamScanner

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

اڙين- آڌار- مٿاهون- رُليل- ڀُليل.

(ج) هيٺيان خال ڀريو:

١- نہ ڪاري ڪان ڳورو ________ ٿيو،

سڀ انسان ________ ٿيا، هن چيو.

٢- محمد جا________ نہ احسان ٿيا،

________ مان آزاد انسان ٿيا.

("نعت" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، ان جي معنيٰ آهي: ساراهہ ڪرڻ. پر شريعت جي اصطلاح ۾ "نعت" جي معنيٰ آهي، نبي ڪريم صلّي اللّٰه عليه وآلہٖ وَسلَّم جي ساراهہ ڪرڻ.)

Scanned by CamScanner

سبق چوٿون

حضرت ابو ايوب انصاري رضي اللّٰه تعاليٰ عنهُ

حضرت ابو ايوبَ انصاري رضي اللّٰه تعاليٰ عنهُ جو اصل نالو خالد هو. سندس لاڳاپو مديني جي بنو نجار قبيلي سان هو. هي مديني جي انهن بزرگن مان هو، جن حضور صلّي اللّٰه عليه وآلهٖ وَسلَّمَ جن جي پهريائين بيعت ڪئي هئي. مسلمان ٿيڻ کان پوءِ، هن پنهنجي ڪٽنب جي ڀاتين، مٽن مائٽن ۽ دوستن کي اسلام جو پيغام پهچايو.

جڏهن نبي ڪريم صلَّي اللّٰه عليه وآلهٖ وَسلَّمَ جن کي، مڪّي شريف جي قريشن تڪليفون پهچايون، تڏهن پاڻ سڳورن اللّٰه تعاليٰ جي حڪم سان مديني منوره ڏانهن هجرت فرمائي. مديني منوره جي ماڻهن کي جڏهن اها خبر پئي، ته پاڻ سڳورا وٽن اچي رهيا آهن، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيا.

پاڻ سڳورا صلّي اللّٰه عليه وآله وَسلَّمَ جڏهن مديني منوره ۾ تشريف فرما ٿيا، تڏهن هر هڪ ماڻهوءَ چاهيو ٿي، ته ٻنهي جهانن جي سردار جي مهمانيءَ جو شرف کيس ملي: پر حضور صلَّي اللّٰه عليه وآلهٖ وَسلَّمَ جن فرمايو ته: ”ڏاچيءَ کي ڇڏي ڏيو، جتي وڃي ٻيهي اسين اتي رهنداسون.“ ڏاچي، حضرت ابو ايوبَ انصاري رضي اللّٰه تعاليٰ عنهُ جي گهر جي سامهون اچي ويٺي. حضرت ابو ايوب انصاري رضي اللّٰه تعاليٰ عنهُ کي ڏاڍي خوشي ٿي، جو اها سعادت کيس نصيب ٿي هئي.

حضرت ابو ايوب انصاري رضي اللّٰه عنهُ، ڪيترن ئي جنگين ۾، نبي ڪريم صلَّي اللّٰه عليه وآلهٖ وَسلَّمَ جن سان گڏ رهيو هو. حضور صلَّي اللّٰه عليه وآلهٖ وَسلَّمَ جن جي وفات کان پوءِ به هن ڪيترين جنگين ۾ شريڪ ٿي، پنهنجي بهادريءَ جا ڪارناما ڏيکاريا. سندس شهادت به قسطنطنيه ۾ جهاد ڪندي ٿي. سندس ئي وصيت موجب کيس قسطنطنيه جي قلعي جي ڀرسان دفن ڪيو ويو. سندس قبر تي عاليشان مقبرو ٺهيل آهي.

حضرت ابو ايوب انصاري رضي اللّٰه عنهُ، پاڻ سڳورن جي تمام گهڻي خدمت ڪئي. پاڻ سڳورا به کيس ڏاڍو ڀائيندا هئا. انهيءَ ڪري صحابي ۽ اهل بيت به سندس گهڻي عزت ڪندا هئا.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- حضرت ابو ايوب انصاري رضہ جو اصل نالو ڇا هو؟

٢- هن جو لاڳاپو ڪهڙي قبيلي سان هو؟

٣- مسلمان ٿيڻ کان پوءِ هن ڇا ڪيو؟

٤- جڏهن پاڻ سڳورا مڪّي کان هجرت ڪري مديني ويا، تہ پهريان ڪنهن جا مهمان ٿيا؟

٥- صحابي ۽ اهل بيت حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله تعاليٰ عنهُ جي ڇو عزت ڪندا هئا؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

بيعت- هجرت- جهاد- شهادت- سامهون.

(ج) هيٺيان لفظ گرامر موجب ڇا آهن:

ايوب- هو- دوست- اچن ٿا- ڏاچي.

(د) هيٺين لفظن تي اعرابون ڏئي نوان لفظ ٺاهيو:

يت- پٽ- سٽ- هت.

(هہ) هفتي جي ڏينهن جا نالا لکو:

جيئن، پهريون ڏينهن ڇنڇر.

Scanned by CamScanner

سبق پنجون

بُرائيءَ جو بدلو بُرائي نہ آهي

گهڻي وقت جي ڳالهہ آهي، تہ بغداد شهر ۾ هڪ امير رهندو هو. اهو امير ڏاڍو هٺيلو ۽ مغرور هوندو هو. ڪنهن کي بہ پاڻ جهڙو نہ سمجهندو هو. ماڻهو سندس ظلمن کان عاجز اچي چڪا هئا: پر ويچارا ڪري ڪجهہ نٿي سگهيا.

هڪڙي ڏينهن انهيءَ امير جي سواري، بغداد جي وڏي رستي تان اچي گذري. سندس اڳيان پٺيان ڪيترائي خادم هئا. انهن خادمن رستي تان ماڻهن کي پري پئي ڪيو. هڪڙو درويش، الائجي تہ ڪيئن ان امير تائين پهچي ويو! درويش امير کان خيرات گهُري. امير، درويش جي سوالٰ تي ڏاڍو ڪاوڙيو. هن، درويش کي ڏاڍو گهڻ وڏ ڳالهايو. پوءِ هڪڙو پٿر کڻي، اهڙو تہ زور سان هنيائينس جو درويش جو مٿو ڦاٽي پيو ۽ هو اتي ڪري پيو.

امير جي سواري اڳتي وڌي وئي. ماڻهن ڊوڙي اچي درويش کي اٿاريو. درويش اهو پٿر کنيو ۽ دل ۾ چيائين تہ: ’مان هن پٿر کي سنڀالي رکندس. الله اهو وقت ضرور آڻيندو، جڏهن مان اهو پٿر ان کي هڻي، پنهنجي بي عزتيءَ جو بدلو وٺندس.‘

درويش اهو پٿر هر وقت پاڻ سان سنڀالي رکندو هو. اُٿندي ويهندي، گهمندي ڦرندي اهو پٿر هن سان گڏ هوندو هو. تان جو انهيءَ واقعي کي ٻارهن مهينا گذري ويا.

هڪڙي ڏينهن اهو درويش، ساڳئي رستي تان گذري رهيو هو. اڳتي وڃي ڏٺائين، تہ چوڪ تي ماڻهن جو ميڙ لڳو پيو آهي. هن ڏٺو تہ هڪڙو ماڻهو گڏهہ تي ويٺل هو، جنهن کي ماڻهو گهڻ وڏ ڳالهائيندا ۽ پٿر هڻندا تي ويا. درويش ماڻهن کان پڇيو تہ: ” ابا، ڇا ڳالهہ آهي؟“ هنن کيس ٻڌايو تہ: ”خليفو پنهنجي هڪ امير تي ڪاوڙيو آهي، ان ڪري کيس هيءَ سزا ڏني وئي آهي.“

درويش اڳتي وڌي ڏٺو، تہ کيس گڏهہ تي چڙهيل اُهو ساڳيو امير نظر آيو، جنهن ٻارنهن مهينا اڳ پٿر هڻي، سندس مٿو ڦاڙيو هو. درويش سوچيو تہ ”وقت اُچي ويو آهي،

Scanned by CamScanner

تہ مان ان ظالمر کان بدلو وٺان!" هن پنهنجي گودڙيءَ مان ساڳيو پٿر ڪڍيو. پٿر اڇا هٿڻ تي هو، تہ ڪيس خيال آيو، تہ: 'انهيءَ امير برابر مون سان برائي ڪئي هئي؛ پر منهنجو ڪمر نہ آهي، تہ سانس برائي ڪريان. ڇو تہ برائيءَ جو بدلو برائي نہ آهي.' ائين سوچي هن پٿر اڇلائي ڇڏيو ۽ هليو ويو.

ٻارو، انهيءَ آکاڻي مان اسان کي اهو سبق ٿو ملي تہ: چڱو ائين آهي تہ جيڪو برائي ڪري، ان سان ڀلائي ڪجي. پر جي ڀلائي نہ بہ ٿي سگهي، تہ برائي بہ نہ ڪجي. برائي ڪرڻ هميشہ ٻُرن جو ڪمر آهي.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- اهو امير ڪهڙي شهر ۾ رهندو هو؟

٢- درويش امير کان ڇا گهريو؟

٣- امير درويش کي مٿي ۾ ڇا هنيو؟

۴- درويش کي گڏهہ تي چڙهيل ڪير نظر آيو؟

٥- درويش، امير کي پٿر ڇو نہ هنيو؟

٦- هن آکاڻيءَ مان اسان کي ڪهڙو سبق ٿو ملي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو ۽ جملن ۾ ڪمر آڻيو؟

هٺيلو- عاجز- خادمر- ميڙ.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

گهٽي	-	تُوري
امير	-	
اڳيان	-	
برائي	-	
سوال	-	

(د) هيٺين صورتن ۾ اکرن تي ٽپڪا ڏئي ڏار ڏار لفظ ٺاهيو:

ىس- ىار- ھں- دادو- ىر.

Scanned by CamScanner

سبق ڇهون

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة اللّٰه عليه



شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ۽ صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس پيءُ جو نالو شاهه حبيب رحہ هو. سنڌ جو عظيم شاعر ۽ صوفي درويش شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو سندس تڙ ڏاڏو هو.

Scanned by CamScanner

شاهه عبداللطيف رحه ڀٽين پور ڳوٺ ۾ ڄائو هو. سندس ڄمڻ جو سن ۱۱۰۲ هجري برابر ۱۶۹۰ عيسوي آهي. ڪجهه عرصي کان پوءِ شاهه حبيب، ڀٽين پور ڇڏي، ڪوٽڙي مغل نالي ڳوٺ ۾ اچي رهيو، جيڪو هاڻي ڦٽي ويو آهي. شاهه سائينءَ جو ننڍپڻ به اتي ئي گذريو ۽ کيس شروعاتي تعليم به اتي ئي ملي. شاهه صاحب ننڍپڻ ۾ ئي ڏاڍو سُلڇڻو ۽ گهڻو وقت غور ۽ فڪر ۾ رڌل رهندو هو.

شاهه لطيف رحه هڪ وڏو سيلاني هو. پاڻ زندگيءَ جو ڳچ حصو سير ۽ سفر ۾ گذاريائين. پنهنجي رهڻ جي جاءِ به سير ۽ سفر ڪندي پسند ڪئي هئائين. اها جاءِ ڪراڙ ڍنڍ جي ڀرسان، واريءَ جو دڙو يعني ڀٽ هئي. اها جاءِ هاڻ " ڀِٽ شاهه " جي نالي سان مشهور آهي. انهيءَ ڪري کيس " شاهه ڀِٽائي " به سڏيو وڃي ٿو.

شاهه سائين پاڻ سان قرآن پاڪ، مثنوي مولانا روم ۽ شاهه ڪريم جو رسالو رکندو هو. شاهه جي ڪلام پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان روح کي راحت ملي ٿي. سندس ڪلام جي ڪتاب کي " شاهه جو رسالو " چئجي ٿو، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو لافاني سرمايو آهي. سندس ڪلام جو ترجمو دنيا جي ڪيترين ئي اهم ٻولين ۾ ٿي چڪو آهي. شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ آفاقي رنگ موجود آهي. هو نه رڳو سنڌ لاءِ، پر ساري عالم لاءِ سُک ۽ سُڪار جي دعا ٿو گهري.

شاهه ڀِٽائيءَ پنهنجي حياتيءَ جو باقي عرصو، انهيءَ ڀِٽ تي گذاريو. سن ۱۱۶۵ هجري برابر ۱۷۵۲ عيسوي ۾ رحلت ڪيائين. سنڌ جي مشهور حاڪم ميان غلام شاهه ڪلهوڙي، سندس قبر تي عاليشان مقبرو اڏايو.

هن بزرگ جي درگاهه تي، هر سال صفر مهيني جي ۱۴ تاريخ کان وڏو ميلو لڳندو آهي، جتي لکين عقيدتمند اچي حاضر ٿيندا آهن. انهيءَ موقعي تي " شاهه لطيف ثقافتي مرڪز " پاران ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنس پڻ ٿيندي آهي.

Scanned by CamScanner

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ڪير ٿي گذريو آهي؟
٢- شاهه لطيف رحه ڪهڙي ڳوٺ ۾ ڄائو؟
٣- شاهه لطيف رحه کي شاهه ڀٽائي ڇو ٿو سڏيو وڃي؟
٤- سندس ڪلام جي ڪتاب کي، ڪهڙي نالي سان سڏبو آهي؟
٥- شاهه صاحب جو مقبرو ڪنهن ٺهرايو؟

(ب) هيٺين جملن مان اسم جو اوڳڻ ڏيکاريندڙ لفظ چونڊيو:

١- هي گدلو ڇوڪرو آهي.
٢- سڙيل ميوو نه کائجي
٣- اسان کي خراب ڪاڏو نه کائڻ گهرجي.

Scanned by CamScanner

سبق ستون

قومي ايڪو

اڙي غافلو، سمجهہ ۽ ڏيانُ ڏاريو،
ڪڍي ڪوڙ، نيت سچيءَ سان گذاريو،
تہ ديني ٻيا ڪم دنيوي سڌاريو،
ڇڏي ڪاهلي گوٺ، گذريل وساريو.

وجهو اِتفاق ۽ محبت جا پايا،
سيئي ڪم اجايا، پون تي سجايا.

جو ٻئي جي چڱائي، ڀلائي گھُري تو،
ڀلو خير خلق، خدائي گھُري تو،
چڱو پڻ ٻين جي چڱائي گھُري تو،
ڀلائي صفائي، سدائي گھُري تو.

رکي جو سين ساڻ صاحب سلامت،
نہ زحمت ڏسي ڪا، مصيبت نہ آفت.

- ابوجهو

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- شاعر، اسان کي ڪهڙي هدايت ٿو ڪري؟

(ب) هم آواز لفظن کي ”قافيو“ چئبو آهي، جيئن: ڏاريو- گذاريو.
توهين هن نظم مان اهڙا پنج هم آواز لفظ ٻڌايو:

(ج) خال ڀريو:

جو ٻئي________ ، ________گهري ٿو،
پلو________ ، خلقِ________ گهري ٿو.

(د) هيٺين جا ضد لکو:

ڪاهلي- وساريو- چڱائي- صفائي- سڌاريو.

Scanned by CamScanner

سبق اٺون

جيٽ جهاز

باربرداريءَ جو سڀ کان تکو وسيلو هوائي جهاز آهي. هوائي جهازن ۾ وري سيني کان بهترين ۽ تکو جيٽ جهاز آهي. جيٽ جهاز نہ رڳو گهڻو سامان؛ پر گهڻا ماڻهو بہ کڻي سگهندو آهي. جيت جهاز پنجيتاليهہ هزار فوٽن جي بلنديءَ تائين اُڏامي سگهي ٿو. جيٽ جهاز ايڏا تہ وڏا هوندا آهن، جو انهن ۾ پنج سؤ ماڻهو سفر ڪري سگهن ٿا.

جيٽ جهاز ٻين جهازن کان ان ڪري نرالو آهي، جو اهو تيلهڻ واري انداز ۾ هلندو آهي. توهان، ڦوڪيل ڦوڪڻو تہ ڏٺو هوندو! ڦوڪيل ڦوڪڻي کي جڏهن منهن وٽان ٻڌي

ڇڏبو آهي، تڏهن اهو هڪ هنڌ پيل هوندو آهي. ڦوڪڻي جي منهن کولڻ سان ان مان هوا ٻڙڪو ڪائي ٻاهر نڪرندي آهي ۽ ڦوڪڻي کي ٻـ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائي ڇڏيندي آهي. جيٽ جهاز ۾ اهڙو ڪم ان جون انجڻيون ڪنديون آهن.

جيٽ جهاز جي پهرين ڪامياب اڏام ٢٧-آگسٽ ١٩٣٩ع تي جرمنيءَ ۾ ڪئي ويئي هئي. جيٽ جهاز ۾ ٻارڻ ٻري گئسون پيدا ڪندو آهي، جيڪي پوءِ هوا سان ملي جهاز ۾ اندر دٻاءُ پيدا ڪري ان کي اڳتي تيلهڻ شروع ڪنديون آهن. ائين ڪي جيٽ جهاز رڳو ٻارڻ تي، نـ ڪي وري ٻارڻ ۽ هوا جي گڏيل طاقت سان هلندا آهن.

جيٽ جهاز جي ايجاد سان اڏام جي دنيا ۾ هڪ انقلاب آيو آهي ۽ فاصلا گهٽجي ويا آهن.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- باربرداريءَ جو سڀ کان تکو وسيلو ڪهڙو آهي؟

٢- جيٽ جهاز گهٽ فوٽن جي بلنديءَ تائين اُڏامي سگهي ٿو؟

٣- جيٽ جهاز ٻين جهازن کان نرالو ڪيئن آهي؟

٤- جيٽ جهاز جي پهرين ڪامياب اُڏام ڪڏهن ٿي؟

(ب) سواريءَ لاءِ ٻيا ڪهڙا وسيلا آهن؟

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

باربرداري- تِکو- تيلهڻ- هنڌ- ٻارڻ- نرالو- طاقت- وسيلو.

(د) خاڪي ۾ ڏنل لفظن آڏو، انهن جا ضد لکو:

گهٽو	
بلندي	
ڪامياب	
پهرين	
طاقت	

Scanned by CamScanner

سبق نائون

شهريءَ جا حق ۽ فرض

اسان مان هرهڪ کي عام رستي تان هلڻ جو حق آهي، پر ساڳئي وقت اسان جو فرض آهي، تہ ٻين کي بہ ان رستي تان هلڻ ڏيون. اسان کي حق آهي، تہ پنهنجي گهر ۾ آرام سان زندگي گذاريون، اهڙو ساڳيو حق اسان جي پاڙيسرين کي بہ آهي. جيڪڏهن پنهنجي سُک خاطر، گهر جو ڪِن ڪچرو گڏ ڪري، ٻين جي درن اڳيان اڇلائبو تہ پاڙيسريءَ کي ان مان تڪليف پهچندي.

Scanned by CamScanner

باغيچن ۾ گهمڻ جو هر ڪنهن کي حق آهي: پر جيڪڏهن باغيچن ۾ ميوي جون ڪلون ۽ ٻيو ڪِن ڪچرو ڦٽو ڪبو، ته جيڪا فرحت، باغيچن مان اسان کي آئي، سا ٻين کي نه ايندي. انهيءَ ڪري جو ڇڏيل گند ٻين جو مزو ڦٽائي ڇڏيندو.

باغ ۾ پينگهه لڏڻ وقت به پنهنجي واري لاءِ ترسڻ گهرجي. راند رُوند ۾ به ٻهرين جنهن جو وارو هجي، ان کي ڏِجي. ائين ڪرڻ سان سڀني کي پنهنجو حق ملي ويندو ۽ فرض جي به پورائي ٿيندي.

اسڪول ۾ پائي پيئڻ وقت يا رسيس ۾ شيءِ وٺڻ مهل قطار ۾ بيهجي. ساڳيءَ طرح اسٽيشن تي ٽڪيٽ وٺڻي هجي يا پوسٽ آفيس مان لفافا، اتي به قطار ٺاهجي ۽ پنهنجي واري لاءِ ترسجي.

اسان کي گهرجي ته پنهنجا حق ۽ فرض چڱيءَ طرح سمجهي، ان موجب عمل ڪريون. ائين زندگي سک ۽ آرام سان گذرندي.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- حق ۽ فرض ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

٢- ٻين جي گهرن آڏو ڪِن ڪچري اُڇلڻ ڪري ڇا ٿيندو آهي؟

٣- باغيچن ۾ ميوي جي ڪلن ۽ ڪچري اُڇلڻ ڪري ڇا ٿيندو آهي؟

٤- پينگهه لڏڻ وقت ڇا ڪرڻ کپي؟

٥- هر هڪ سکي زندگي ڪيئن گذاري سگهندو؟

(ب) هيٺين جملن مان فعل ڳوليو:

١- اڄ مان ڪراچيءَ ويندس.

٢- مان ڪالهه حيدرآباد ويس.

٣- مون خط لکيو.

٤- اسين اسٽيشن تي گهمڻ وينداسين.

Scanned by CamScanner

(ج) سنڌ جي ڪن ٻه پنجن راندين جا نالا لکو.

(د) هيٺئين خاڪي ۾ ڏنل لفظن جا واحد ۽ جمع ڻاهيو:

ڪتابُ	
	اطلاع
ڪلاسُ	
	اُتَ

Scanned by CamScanner

سبق ڏهون

لطف الله سورتيءَ جو سنڌ جو سفرنامو

لطف الله سورتي، انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ هڪ منشي ۽ ترجمان هو. هو سورت جو رهاڪو هو، تنهن ڪري ان کي لطف الله سورتي سڏيندا هئا. هو فارسيءَ جو وڏو ڄاڻو هو ۽ گجرات ۾ رهندڙ انگريز عملدارن کي فارسي پڙهائيندو هو. اهي انگريز جيڏانهن به ويندا هئا، ته هن کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندا هئا.

١٨٣٨ع ۾ هڪ انگريز عملدار ڪئپٽن ايسٽ وڪ، سنڌ ۾ آيو ۽ پنهنجي استاد لطف الله سورتيءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي آيو. لطف الله، ڪئپٽن ايسٽ وڪ سان سڄي سنڌ گهميو. انهيءَ ڪري لطف الله پنهنجي سفرنامي ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن ۽ ماڻهن جو احوال آندو آهي. هو حيدرآباد جي پڪي قلعي لاءِ لکي ٿو:

”هي پنج ڪنڊو قلعو آهي، جو هڪ ٽڪر مٿان پڪين سرن ۽ ڳچ سان ٺهيل آهي. عام قلعي جي دستور موجب، هن قلعي جي چوڌاري کاهه کاهي ڪانه آهي. هن ۾ ميرن جا ڪٽنب، سندس ويجها عزيز ۽ ٻيا خاص امير ۽ شهري رهن ٿا. چئن يارن واري شاهي صندل تي، هڪ سادو ايراني غاليچو وڇايل هو، ان تي چارئي حڪمران هر هڪ مير نور محمد خان، مير نصير خان، مير محمد خان، ۽ نوجوان مير شهداد خان ويٺل هئا. سندس پر ۾ تلوارون ۽ ڍالون رکيل هيون. اهوئي سندن تخت گاهه هو. انگريز نمائندو ۽ سندس ساٿي ڪرسين تي ويٺا هئا، جيڪي خاص هنن لاءِ آندل هيون. دربار ۾ داخل ٿيڻ وقت، ڪين پنهنجا بوٽ لاهڻا پيا، باقي سڀ ماڻهو هيٺ غاليچن تي ويٺا.“

”نور محمد خان هڪ نهايت سياڻو، وڏي خيال وارو ۽ بهادر انسان ٿي لڳو. هو پوري پُني قد ۽ اڌڙوٽ عمر جو هڪ سهڻو انسان هو. حڪومت جون ڳالهيون رڳو مير نور محمد سان ڪيون وينديون هيون، جاڪاڻ ته مير نصير خان ۽ مير محمد خان ورلي ڪو جواب ڏيندا هئا. نصير خان به خوبصورت هو، پر بُت ۾ گهٽو پريل هو. سندس منهن مان نرمي ۽

همدردي پئي ظاهر ٿي. مير محمد خان سهڻو، ٺاهوڪي بدن وارو ۽ سپاهيءَ وانگر هو. هو نور محمد خان جي ڪاڻي پاسي، صندل جي ڇيڙي تي وينل هو. سندس ڪاڻو هٿ ڍال تي ۽ ساڄو هٿ تلوار جي مُٺيءَ تي هو."

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- لطف الله ڪٿي جو وينل هو؟

٢- لطف الله ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ ڪهڙي عهدي تي هو؟

٣- لطف الله، ڪهڙي عملدار سان سڄي سنڌ گهميو؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڪاهي- ڪٽنب- عزيز- سياٽو- ٺاهوڪي.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

وينل- گڏ- ڳوٺن- عام- سادو- سياٽو- گهٽو- ڪاڻي.

(د) فعل جا ٽي زمان آهن: "زمان حال"، "زمان ماضي" ۽ "زمان مستقبل". "زمان حال" هلندڙ وقت تو ڏيکاري، جيئن "آءُ خط لکان ٿو." توهين زمان حال جا ڪي ٻه جملا لکي ڏيکاريو.

سبق يارهون

سري لنڪا



سري لنڪا کي انگريزي راڄ ۾ سيلون سڏيندا هئا. هيءُ ملڪ هندستان جي ڏکڻ ۾، هندي وڏي سمنڊ ۾ هڪ ٻيٽ جي صورت ۾ آهي. هن جي شڪل انب جهڙي آهي. انگريزن جي حڪومت جي زماني ۾ هيءَ ملڪ، ڪافي عرصي تائين هندستان سان شامل هو.

Scanned by CamScanner

ڪنهن زماني ۾ سيلون، پورچوگيزن جي هٿ هيٺ هو. وري ڊچ قوم جي قبضي ۾ آيو. تنهن کان پوءِ، انگريزن هن تي قبضو ڪيو. هڪ سؤ پنجاهن ورهين جي حڪومت کان پوءِ، انگريزن ۴ فيبروري ١٩۴٨ع تي سيلون کي آزادي ڏني. هينئر هيءَ هڪ آزاد ملڪ آهي.

سري لنڪا جو پنجون حصو پوک جي لائق آهي. هن جي واريءَ سي ڪناري تي ناريلن جا وڻ جام ٿيندا آهن. جبلن تي ٻيلا آهن، جن مان عمارتي ڪاٺ ملي ٿو. ٽڪرين تي چانهه، ڪافي، ربڙ ۽ گرم مصالحا ٿين ٿا. ميدانن ۾ چانورن جي پوک ٿئي ٿي.
سري لنڪا جا گهڻا ماڻهو ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ آهن. هتي هندو به چڱي تعداد ۾ رهن ٿا. مسلمان ۽ عيسائي به هن ملڪ ۾ آباد آهن. ماڻهن جو ڌنڌو زراعت ۽ مال چارڻ آهي. هتي سياري توڙي اونهاري ۾ مينهن گهڻو پوندو آهي. سري لنڪا جي آبهوا گرم ۽ گهميل آهي.
سري لنڪا جو وڏي ۾ وڏو شهر ڪولمبو آهي، جيڪو ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ ۽ مکيه بندر پڻ آهي. ملڪ جو سمورو واپار هن بندر تان هلي ٿو. هن بندر کي وڏي اهميت آهي، ڇاڪاڻ ته هندي وڏي سمنڊ مان لنگهندڙ سڀ جهاز، هتي لنگر انداز ٿيندا آهن.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- سري لنڪا کي اڳ ڪهڙي نالي سان سڏيندا هئا؟
٢- هن ملڪ جي شڪل ڪهڙي آهي؟
٣- ڪهڙين ڪهڙين قومن هن ملڪ تي قبضو ڪيو هو؟
۴- انگريزن، هن ملڪ کي ڪڏهن آزادي ڏني؟
٥- هتي ڪهڙيون ڪهڙيون پوکون ٿينديون آهن؟
٦- سري لنڪا جو وڏو شهر ڪهڙو آهي؟

Scanned by CamScanner

(ب) هيٺ ڏنل لفظن سان خال ڀريو:

لفظ: ڪولمبو- جام- مسلمان- عيسائي.

١- هت ناريلن جا وڻ ________ آهن

٢. ________ ۽ ________ ٻئي هن ملڪ ۾ آباد آهن.

٣- وڏي ۾ وڏو شهر ________ آهي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

راڄ- حصو- جام- ڏندو- مينهن- مکيه.

(د) زمان ماضي گذريل وقت ڏيکاري ٿو، جيئن: ”ڇوڪرو گهر ويو.“ توهين زمان ماضيءَ جا ڪي ٻه مثال ٻڌايو:

Scanned by CamScanner

سبق ٻارهون

بهار آيو

سيارو ويو بهار آيو،
گلن آ باغ مهڪايو.

ڦڙي ٽانگر ۽ چنبيلي،
ڪڍي مُنهن مُگري مرڪايو.

رَتن جي جوت ۽ زينت،
ستارن کي به شرمايو.

بهاريءَ ويس ساوڪ جو،
وڻن تي واهه ڦهرايو.

لُڏي لامن تي تي بلبل،
گلن کي ساهه سان لايو.

نچي ٿو مور باغن ۾،
چمن چيهن آ ڇهڪايو.

لنون لاٽيون پکي گڏجي،
بهار آيو بسنت آيو.

-اويس شڪارپوري

Scanned by CamScanner

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- هن نظم ۾ ڪهڙن گلن جا نالا آيل آهن؟

٢- هن نظم ۾ ڪهڙين پکين جا نالا آيل آهن؟

(ب) پکين جي آواز کي لات چئبو آهي، هيٺين جي آواز کي ڇا چئبو آهي:

گهوڙو- گڏهه- شينهن- ڪُتو- ٻلي- ٻڪري- ڳئون.

Scanned by CamScanner

سبق تيرهون

گُلاب جو گُل

اوهان باغيچن ۾، ڪيترن ئي قسمن جا گُل ڏٺا هوندا، پر سيني گُلن ۾ گلاب جو گل سهڻو ٿيندو آهي. هن ۾ سُڳنڌ بہ گهڻي ٿيندي آهي. ان کي سنگهڻ سان فرحت پيئي ايندي آهي. هن گل جو ٻوٽو بهار جي مُند ۾ گُل جهليندو آهي. گلاب جا ڪيترائي قسم آهن.

گلاب جي ٻوٽن جو ٻج ٿئي ئي ڪونہ. جنوري مهيني ۾، گلاب جي ٻوٽن جون ٽاريون ڪپي، قلم يا ڏنڊڻ ٺاهبا آهن. جنهن زمين جي ٽڪري ۾ اهي قلم هڻڻا هوندا آهن، تنهن کي گُڏ ڪري، يا جيڪڏهن زمين سخت هوندي تہ هَر ڏيئي، ان ۾ پاڻ وِجهندا آهن، تہ جيئن قلم ڦُٽي سگهن. مهيني کن کان پوءِ اهي چڪيون اتان ڪڍي، جتي هڻيون هونديون آهن، اتي وجي هڻندا آهن.

گلاب جي گلن مان گلقند ٺهندو آهي ۽ گلن مان عرق بہ ڪڍندا آهن، جنهن کي گلاب جو پاڻي چوندا آهن. گلابي عطر بہ گلاب جي گل مان ٺهندو آهي. تنهن کان سواءِ گلن مان هار بہ ٺاهيندا آهن. ماڻهو شادي يا ٻين خوشين جي موقعن تي هڪ ٻئي کي اهي هار وِجهندا آهن.

Scanned by CamScanner

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- سيني گلن ۾ ڪهڙو گل سهڻو آهي؟

٢- قلم يا ڏنڊڻ جا ڪي چوندا آهن؟

٣- گلاب جا قلم ڪهڙيءَ مند ۾ لڳائبا آهن؟

٤- چڪي ڇا کي ٿو چئجي؟

٥- گلاب جي گلن مان ڇا ڇا ٺهندو آهي؟

(ب) هيٺين جملن مان ضمير چونڊيو:

١- مان اسڪول وڃان ٿو.

٢- اسين سبق پڙهون ٿا.

٣- مون توکي باغ ۾ ڏٺو هو.

٤- اسان بازار مان گُلاب جا گل ورتا.

(ج) هيٺ ڏنل لفظن جا هم معنيٰ لفظ لکو:

(لفظ: راحت- قلم- موسم)

مند ______ ، ڏنڊڻ ______ ، فرحت ______ ،

(د) ڪن به پنجن گلن جا نالا ٻڌايو.

سبق چوڏهون

آمريءَ جو دڙو



کوٽائيءَ وقت آمريءَ جو دڙو

آمريءَ جو ڳوٺ، مانجهند تعلقي، ضلعي ڄامشوري ۾ آهي. هي ڳوٺ آمري ريلوي استيشن کان اڌ ڪلوميٽر ڪن اوڀر طرف آهي. ڪنهن زماني ۾ اهو ڳوٺ سنڌ جو مشهور ۽ عاليشان شهر هوندو هو. هن ۾ باغ، بنگلا ۽ محل ماڙيون هونديون هيون. اڄ اهو شهر، هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۽ دڙي جي صورت ۾ آهي. هي وسندڙ شهر، ڪڏهن برباد ٿيو، تنهن جو پورو پتو ڪونهي، پر هن دڙي جي ڪوٽائي ڪندي، جيڪي شيون هٿ آيون آهن، تنهن کي ڏسي، ماهرن اندازو لڳايو آهي، تہ هي شهر اٽڪل پنج ڇهہ هزار سال اڳ آباد هو.

هن دڙي جي آس پاس ڪيترائي ننڍڙا دڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن مان اولهہ طرف واري دڙي مان چقمق جا گهڙيل ۽ ٽُڪيل پٿر بہ هٿ آيا آهن. انهن مان اهو اندازو لڳايو ويو آهي تہ هي دڙو، موهن جي دڙي کان بہ جهونو آهي.

هتي دڙي جي ڪوٽائي ڪندي، ٻہ تهہ نظر آيا آهن. هڪ تهہ چار فوٽ اونهو ۽ ٻيو تهہ ڇهہ ست فوٽ اونهو هو. مٿين دڙي مان اٽڪل هڪ سؤ ٺڪر جا ٿانوَ هٿ آيا، جن

Scanned by CamScanner

لڏل ٿانوَ

جو رنگ ڳاڙهو آهي. ڪن نڪر جي ٿانوَن تي گلڪاري پڻ آهي ۽ ڪن تي جابلو ٻڪر جون تصويرون اُڪريل آهن. انهن ٿانوَن ڪانسواءِ ٻيون به ڪيتريون ئي شيون لڌيون آهن، جن ۾ مٽيءَ مان ٺهيل رانديڪن واريون گاڏيون، ڏِگن جون مورتون ۽ مُهرون شامل آهن.

جيڪڏهن سڄي دڙي جي کوٽائي ٿئي ته اجا به وڌيڪ جهونيون شيون هٿ اچي سگهن ٿيون، جن مان گهڻو ڪجهه معلوم ٿي سگهي ٿو.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- آمريءَ جو دڙو ڪٿي آهي؟

٢- اڳ آمريءَ جو شهر ڪيئن هو؟

٣- هن دڙي جي کوٽائيءَ مان ڪهڙو سامان هٿ آيو آهي؟

٤- نڪرن جي ٿانوَن تي ڪهڙي تصوير اُڪريل آهي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ ڏيو:

دڙو- وسندڙ- ماهر- جهونو- جابلو.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

اوير- برباد- اڳ- مٿئين- هٿ.

(د) زمان مستقبل ايندڙ وقت ٿو ڏيکاري، جيئن: " آءٌ ڪتاب پڙهندس."

توهين زمان مستقبل جا ڪي به ٻه جملا لکي ڏيکاريو:

Scanned by CamScanner

سبق پندرهون

پاڪستان جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو

انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ، گڏيل هندستان جي ماڻهن ڪوششون ورتيون. انهن ڪوششن ۾ سنڌ جي ماڻهن بہ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو. اڳتي هلي جڏهن هندن، مسلمانن جي مفادن جي مخالفت ڪئي ۽ مسلمانن الڳ وطن جي گهر ڪئي، تڏهن پاڪستان تحريڪ جي جدوجهد ۾ سنڌ جي مسلمانن بہ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.

مسلمانن جي حقن جي حفاظت لاءِ ١٩٠٦ع ۾ هڪ وفد شملي ۾ هند جي وائسراءِ سان مليو. ان وفد جو اڳواڻ هزهائينس مرحوم آغا خان ٿيون هو. ان ملاقات کان پوءِ ساڳئي سال ڍاڪا ۾ مسلم ليگ جو بنياد رکيو ويو. مسلم ليگ جو پهريون اجلاس ٢٩ ۽ ٣٠-ڊسمبر ١٩٠٧ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو.

سنڌ ۾ مسلم ليگ جي پهرين شاخ، رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي مرحوم جي ڪوشش سان ١٩١٧ع ۾ قائم ٿي. ڀرڳڙي مرحوم جي ڪوششن جو قدر ڪندي ڪيس آل انڊيا مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ويو. هن صاحب مسلم ليگ جي پندرهين اجلاس جي صدارت ڪئي، جيڪو ٣١-مارچ ۽ ١-اپريل ١٩٢٣ع تي لکنؤ ۾ ٿيو.

انگريزن سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان ٿوروئي پوءِ، سنڌ کي ممبئي (بمبئي) علائقي سان ملائي ڇڏيو: جنهن ڪري سنڌ جي مسلمانن کي تمام گهڻو نقصان پهتو. ١٩٢٥ع ۾ عليگڙه ۾ مسلم ليگ جو اجلاس ٿيو. ان ۾ سنڌ کي ممبئي کان ڌار ڪري الڳ صوبو بڻائڻ جو ٺهراءُ پاس ڪيو ويو. سنڌ جي هندن انهيءَ ٺهراءَ جي سخت مخالفت ڪئي. ١٩٣٠ع ۾ لنڊن ۾ پهرين گول ميز ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ سنڌ جي وفد، سنڌ کي الڳ صوبي بڻائڻ جي گهُر ڪئي. قائداعظم محمد علي جناح، ان ڪانفرنس ۾ سنڌ جي وفد جي انهيءَ گهُر جي حمايت ۾ تقرير ڪئي. آخر مسلمانن جون ڪوششون ڪامياب ٿيون ۽ ١٩٣٦ع ۾ سنڌ ممبئيءَ کان الڳ ٿي. ان صورتحال جي ڪري پاڪستان جي تحريڪ کي

سنڌ ۾ وڏي هَٿي ملي. مسلمانن کي معلوم ٿي ويو، ته هندو ڪڏهن به سنڌن خيرخواه ٿي نه سگهندا. انهيءَ ڪري هنن الڳ وطن جي گهُر ڪئي.

۱۱ ۽ ۱۲- آڪٽوبر ۱۹۳۸ع تي، ڪراچيءَ ۾ قائداعظم محمد علي جناح رحه جي صدارت هيٺ، مسلم ليگ جو هڪ وڏو اجلاس ٿيو. ان ڪانفرنس ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ هڪ ٺهراءُ پيش ڪيو، جنهن ۾ گهُر ڪئي ويئي، ته مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ مسلمانن جي حڪومت ٺاهي وڃي.

۱۹۴۳ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ پاڪستان قائم ڪرڻ جو ٺهراءَ پاس ڪيو. ٻئي ڪنهن به صوبي جي اسيمبليءَ اجا اهڙو ٺهراءُ پاس نه ڪيو هو. آزاديءَ کان اڳ سنڌ ۾ مسلم ليگ وزارت پنجن سالن کان قائم هئي. ڊسمبر ۱۹۴۶ع ۾ هندستان ۾، صوبائي اسيمبلين جون چونڊون ٿيون. سنڌ ۾ مسلم ليگ ۹۹ سيڪڙو ڪاميابي حاصل ڪئي.

آخر ۱۴- آگسٽ ۱۹۴۷ع تي پاڪستان هڪ آزاد ملڪ جي حيثيت سان وجود ۾ آيو: ڪراچيءَ کي پاڪستان جو پهريون گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويو. سنڌ جي مسلمانن، هندستان مان هجرت ڪري آيل مسلمان ڀائرن کي آباد ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

۱- شملي وفد جو اڳواڻ ڪير هو؟

۲- سنڌ ۾ مسلم ليگ جي پهرين شاخ ڪنهن قائم ڪئي؟

۳- سنڌ جي مسلمانن سنڌ کي ممبئيءَ کان ڌار ڪرڻ لاءِ ڇا ڪيو؟

(ب) هيٺين لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو:

گهُر- ٺهراءُ- چونڊون- گادي- هَٿِي.

Scanned by CamScanner

(ج) هيٺ ڏنل لفظن آڏو، اُن جا هم معنيٰ لفظ لکو:

تحريڪ ____________ : حصو ____________ : اهم ____________ :

نقصان ____________ : نهراءُ ____________.

لفظ: ڇيهو- هلچل- مکيہ- ڏار- قرارداد- ياڱو.

(د) اعرابون ڏئي نوان لفظ ٺاهيو:

رت- ڪڏ- گهر- ڪلڻ.

(ه) سنڌ جي ڪن بہ پنجن شهرن جا نالا لکو.

Scanned by CamScanner

سبق سورهون

حب الوطني

خاڪِ وطن تان قربان، هيءَ جان نثار آهي،
يادِ وَطن ئي دل جي، تي غمگسار آهي.

صبحِ وطن تہ چَڏ پر، شامِ وطن چَوان چا،
ابرِ بهار آهي، صبحِ بهار آهي.

حُبِ وطن تہ منهنجي، دل ۾ تي موجزن آ،
ذڪرِ وطن زبان تي، ليل و نهار آهي.

زرخيز مُلڪ منهنجو، زرَدار مُلڪ منهنجو،
مفلس غريب جي لئہ، آڌار يار آهي.

ڄائس مان جنهن وطن ۾، نپنس مان جنهن وطن ۾،
اُن جي ئي دل ۾ اُلفت، نت پائدار آهي.

شانِ وطن ۾ جيڪي، "احسنؔ" زبان مان نڪتو،
حُبِ وطن جو بهتر، سو يادگار آهي.

– حافظ محمد "احسن" چنا

Scanned by CamScanner

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- شاعر وطن جي خاڪ تان ڪهڙي شيءِ قربان ٿو ڪري؟

٢- شاعر وطن جي ”صبح“ ۽ ”شام“ کي ڇا ٿو سڏي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:

حُب- موجزن- ابر- زردار- آذار.

(ج) نظم ۾ جيڪي هم آواز لفظ آهن، جيئن: ”جان نثار“ ”غمگسار“ اُهي ترتيب سان لکو.

(د) درست صورتخطيءَ وارن لفظن تي (✓) جو نشان ڪريو:

١- خاق/خاڪ

٢- مون جز/ موجذن/ موجزن/ موجظن

٣-زرخيط/ ظرخيز/ ذرخيز/ زرخيز.

Scanned by CamScanner

سبق سترهون

ڳوٺ جو سير

اسان کي گرمين جون موڪلون هيون. هن ڀيري اسان اهي موڪلون پنهنجي ڳوٺ ملهائڻ تي گهريون. ٻئي ڏينهن اسين ڳوٺ روانا ٿي وياسين.

اما ، هڪ ڊاڪٽرياڻي هئي. هن دوائون ۽ ميڊيڪل باڪس پاڻ سان کنيو. ادي عائشه سٺي مصوره هئي. هن تصويرن ناهڻ جو سامان پاڻ سان کنيو. ادا وڏي کي وري لکڻ پڙهڻ جو شوق هو. هن پاڻ سان پين، پنا، ڪئميرا ۽ ٽيپ رڪارڊر کنيو. اسان جي ڪار وڏي رستي تان مُڙي، هڪ نهر جو ڪپ ورتو. نهر ۾ ٻار وهنجي رهيا هئا. ڪٿي وري مينهون پاڻيءَ ۾ ويٺيون هيون. نهر جي ڪپ سان ٽالهيءَ جا وڻ ڇانو ڪريو بيٺا هئا. اسين انهن نظارن مان لطف وٺندا ڳوٺ پهچي وياسين.

ڳوناڻن کي جڏهن اسان جي اچڻ جي خبر پئي، تڏهن سڀ اسان کي ڪيڪارڻ آيا. اما ۽ ادي عائشه کي زالون گهر ڪيڪارڻ ويون. مرد ماڻهو اسان کي اوطاق ۾ ڪيڪارڻ آيا. سڀني اسان کي مانيءَ جون دعوتون پئي ڏنيون.

اسان جو ڳوٺ دريا جي ڪناري تي آباد هو. هڪڙي ڏينهن اسان ٻيڙين تي چڙهي دريا جو سير به ڪيو. اتي اسان پلن جو شڪار به ڏٺو. پلو ته هونئن به لذيذ ٿيندو آهي؛ پر ٻيڙيءَ ۾ تازي پلي کائڻ جي ڳالهه ئي ٻي آهي.

اما ، ڳوٺ ۾ بيمارين جي پرگهور لهڻ ۾ مصروف ٿي وئي. ادي عائشه تصويرن ناهڻ ۾ مشغول ٿي وئي. ادا وڏي ڳوٺ جي گهٽين، گهرن، ماڻهن ۽ منظرن جا فوٽو پئي ڪڍيا. هن ٽيپ رڪارڊر تي هارين، هنرمندن، فنڪارن ۽ سگهڙن جا انٽرويو پئي رڪارڊ ڪيا.

شام جو ڳوٺ جي ميدان تي نوجوان رانديون ڪيڏندا هئا. هو ونجهه وٽي، ڪوڏي ڪوڏي ۽ ٻيلهاڙي ۾ زور آزمائي ڪندا هئا. ڏينهن جو اسڪولي ٻار ڪرڪيٽ ڪيڏندا هئا.

Scanned by CamScanner

اسين ٻار وري گهر ۾ رانديون ڪيڏندا هئاسين. ڪڏهن "ليٽ ڪبوتر"، ته ڪڏهن "لڪ لڪوٽي"؛ ڪڏهن "ڦر ڦر سؤنٽو- ڏيلي تي ڇٽڪي"، ته ڪڏهن "ڏاڪ ڇُماٽي".

رات جو روز اوطاقَ تي ڪچهري ٿيندي هئي. ڪچهريءَ ۾ ڪڏهن ڳجهارتن جي ڏي وٺ ٿيندي هئي، ته ڪڏهن ڳائڻ وڄائڻ ٿيندو هو. فيصلا به اوطاق ۾ ٿيندا هئا.

موڪلن وارو عرصو ڪلندي، گهمندي ۽ رانديون ڪيڏيندي گذري ويو. ادي عائشه ڪوڙ تصويرون ڪاهيون هيون. هن چيو پئي ته هوءَ انهن تصويرن جو شهر ۾ نمائُ ڪندي. ادا وڏي وري ڳوٺ جي ماحول تي ڪتاب لکڻ تي گهريو.

اسين جڏهن ڳوٺ مان روانا ٿياسين، ته سڀ ڳوٺاڻا اسان کان موڪلائڻ آيا. ڳوٺاڻن اسان کي ڪيتريون سوکڙيون به ڏنيون.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- اسان کي ڇا جون موڪلون هيون؟
٢- اسان اهي موڪلون ڪٿي ملهائڻ تي گهريون؟
٣- اسان جو ڳوٺ ڇا جي ڪناري تي آباد هو؟
٤- اما، ڳوٺ ۾ ڪنهن جي پرگهور لهڻ ۾ مصروف ٿي وئي.

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڪپ- لطف- لذيذ- مصروف- ڪوڙ- نمائُ- سوکڙيون.

(ج) هيٺيان خال ڀريو:

١- اسان جي ڪار وڏي رستي تان مڙي، هڪ ________ جو ڪپ ورتو.
٢- مرد ماڻهو اسان کي اوطاق ۾ ________ آيا.
٣- اتي اسان ________ جو شڪار به ڏٺو.
٤- رات جو روز ________ تي ڪچهري ٿيندي هئي.

(د) هن سبق ۾ جيڪي رانديون ڄاڻايل آهن، تن جا نالا لکو.

Scanned by CamScanner

سبق ارڙهون

مَلهَہ



پاڪستان جي سيني صوبن ۾ ڪيتريون ئي رانديون ڪيڏيون ويندديون آهن، جن مان مَلهَہ سنڌ جي ماڻهن جي قديم ۽ مُکيہ راند آهي.

مَلهَہ جي مقابلي کي مَلاکڙو چئبو آهي. مَلاکڙي ۾ پهلوان مَلهَہ ٽوليون ٽوليون ٺاهي، پُنا اُگهاڙا ڪري، پِڙ تي اچي ويهندا آهن. مَلاکِڙي جي هڪ ڪُنڊ ۾ مگنهارَ دُهلن ۽

شرنائن تي.مَلاکڙي جون خاص ڏُنون وَڄائي مَلهَن ۾ جوش ۽ جذبو پيدا ڪندا آهن. ملهه پنهنجي جوڙ سان سَندرو ٻڌي مَلهَه وڙهندا آهن. جنهن ٽوليءَ جو مَلهُه ڏَسجي پوندو، انهي ٽوليءَ مان هڪ مَلهُه، سرسي ڪندڙ پهلوان کان پَلاند وٺڻ لاءِ ميدان ۾ ايندو. اهڙيءَ طرح سان مَلاکڙي ۾ هڪ ئي مَلهُه، ٻن يا ٽن مَلهَن سان مَلهَه وڙهي سگهي ٿو.

مَلاکڙي جي پِڙ جي چوڌاري، مَلهَه ڏسڻ جا شوقين مَلهَن کي داد ڏيڻ لاءِ اچي گڏ ٿيندا آهن، جن مان ڪيترا قدردان مَلهَه ماريندڙ پهلوان کي انعام ڏيندا آهن.

مَلهَه لاءِ زور ۽ اَنگُ، ٻنهي جي ضرورت هوندي آهي. انهن ٻنهي ڳالهين مان جيڪڏهن ڪنهن مَلهَه ۾ رڳو طاقت هوندي يا انگُ جو هُنر هُوندو، ته اُهو مَلهُه ايترو ڪامياب نه ٿيندو. جي هو طاقتور هوندو ۽ ملهه جي اَنگُ ۽ پيچ ۾ به ماهر هوندو، ته وڌيڪ ڪامياب ثابت ٿيندو.

مَلهَه سنڌ جي هڪ عوامي راند آهي. حڪومت به مَلهَه کي اهميت ڏيئي رهي آهي. مَلهَه جسماني قوت ۽ تندرستيءَ کي سڌارڻ ۽ قائم رکڻ جو هڪ وڏو ذريعو آهي. وڏن قومي ۽ مذهبي ڏينهن تي، جتي ٻين جسماني ڪرتبن ۽ راندين جا مقابلا ڪرايا وڃن ٿا، اتي ملهه جو مقالو به ضرور شامل هوندو آهي.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- سنڌ جي عوامي راند ڪهڙي آهي؟

٢- ملاکڙو ڇاکي چئبو آهي؟

٣- قدردان ملهه ماريندڙ پهلوان کي ڇا ڏيندا آهن؟

۴- هڪ ڪامياب ملهه لاءِ ڪهڙين ڳالهين جي ضرورت آهي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

پِڙ- پلاند- داد- انگ.

(ج) سنڌ جي ٻين مڪاني راندين جا نالا لکو.

Scanned by CamScanner

(د) هيٺيان جملا صحيح ڪري لکو:

١- هيءَ اخبار سٺو آهي.

٢- حيدرآباد جو شاهي بازار وڏو آهي.

٣- مون ڪلهه ڪتابون خريد ڪيون.

٤- مون کي اطلاع ملي.

Scanned by CamScanner

سبق اوڻيھون

بکر جو قلعو



اُتر سنڌ ۾، سکر ۽ روھڙيءَ جي وچ تي، سنڌو نديءَ ۾ بکر نالي ھڪ ٻيٽ آھي. اڳاتي وقت ۾، ھن ٻيٽ تي قلعي اندر ھڪ وڏو شھر اڏيل ھوندو ھو.

ھن شھر کي قدرتي بچاءُ ھو. ھڪ تہ ٻيٽ ھئڻ ڪري، چوڌاري پاڻي ھوس ۽ ٻيو وري شھر جي چوڌاري پڪين سِرن جو مضبوط قلعو ھو. انھيءَ ڪري ڪوبہ ڏاريو حاڪم، سولائيءَ سان بکر جي قلعي تي ڪاھ ڪري نہ سگھندو ھو.

Scanned by CamScanner

هي شهر، سنڌ جي ڪيترن ئي اڳوڻن حاڪمن جي گاديءَ جو هنڌ رهيو آهي. ان ۾ حڪومت جا ماڻهو، وڏا عالم ۽ واپاري رهندا هئا. انهيءَ ڪري هن شهر کي وڏي اهميت حاصل هئي.

سنڌ تي هر زماني ۾ ڪيترن ئي طرفن کان، ڪاهون ٿينديون رهيون آهن، جن مان ڪي ڪاهون، بکر جي قلعي کي فتح ڪرڻ لاءِ پڻ ٿيون. انهن لڙاين جي ڪري، قلعي کي وڏو نقصان پهچندو رهيو. لڙائيءَ ۾، ڪڏهن قلعي جو هڪڙو پاسو ڪريو ته ڪڏهن ٻيو پاسو. ائين قلعو ويو آهستي آهستي تباهه ٿيندو. جايون به ويون ڊير ٿينديون. امن به ڪونه رهيو. انهيءَ ڪري شهر مان لڏ پلاڻ شروع ٿي، ڪي ماڻهو لڏي وڃي روهڙيءَ ۾ وينا ته ڪن وڃي سکر وسايو ۽ ڪي وري سنڌ جي ٻين شهرن ڏانهن لڏي ويا.

بکر، جو ڪنهن سمي سنڌ جو مشهور ۽ وسندڙ شهر هو، اهو ڦِٽل صورت ۾ اڄ به موجود آهي.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- بکر جو ٻيٽ ڪٿي آهي؟

٢- بکر جي شهر کي ڪهڙو بچاءُ هو؟

٣- بکر جي قلعي ۾ ڪير رهندا هئا؟

٤- ڌارين جي ڪاهن بکر جو ڪهڙو حال ڪيو؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ ڏيو:

قلعو- ٻيٽ- فتح- لڏپلاڻ- برباد- سمي- عالم- ذڪر.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد ڏيو:

اُتر- اڳوڻو- نقصان- ڪالهه- آباد- ٿوريون.

Scanned by CamScanner

سبق ويهون

دستڪاري

دستڪاريءَ جي معنيٰ آهي: هٿ جو ڪم يا هُنر. انهيءَ هنر ۾ سنڌ جا ماڻهو اهڙا ته ماهر آهن، جو مشينون به سندن مقابلو نه ٿيون ڪري سگهن. سندن هٿ جي هُنر جو نه رڳو ملڪ ۾ قدر آهي، بلڪه ٻاهرين ملڪن ۾ ان جو وڏو مانُ آهي.

سنڌ جي عورتن جي هنر جي نزاڪت ۽ نفاست ته ڏسڻ وٽان آهي. هو اهو هنر پنهنجي وڏڙين کان سِکنديون آهن. اهي ڪڏهن به وانديون ڪونه ويهنديون آهن. گهر جو ڪم

ڪار لاهي وينيون، تہ پاڻ ۾ ڪچهري بہ پيون ڪنديون آهن، تہ گڏوگڏ هٿ بہ پيو هلندو اٿن. ڪڏهن ڪو پرت پيون پرينديون آهن، تہ ڪڏهن ڪا رلي پيون ناهينديون آهن.

سنڌ جون عورتون ڏاڍيون سُگهڙ آهن. هو پراڻن ڪپڙن کي اُجلائي ڪونہ ڇڏينديون آهن: بلڪ انهن کي بہ ڪم ۾ آڻينديون آهن. هو انهن ڪپڙن کي رنگ ڏئي رليءَ ۾ ڪتب آڻينديون آهن. اچو تہ رليءَ جي هنر بابت توهان کي ڪجهہ ٻڌايون:

رلي: رلي ٻن قسمن جي ٿيندي آهي. هڪ ٽڪرن واري، ٻي ٽُڪ واري.

ٽڪرن واري رلي: ان ۾ پراڻا يا نوان ڪپڙا رنگي ڪم آڻبا آهن. رنگ ڏنل ڪپڙن مان هڪ ماپ جا ٽڪرا ڪٽي، پاڻ ۾ ڳنڍي هڪ وڏي چادر ناهي ويندي آهي. ان چادر کي "پڙ" چئبو آهي. ان پُڙ کي چادر طور بہ وڇائبو آهي: پر جيڪڏهن رلي ناهڻي هوندي، تہ ان چادر جيڏو، ٻيو ٽڪرو هيٺان رکبو آهي، جنهن کي "تر" چئبو آهي. تَر گهٽو ڪري لسو هوندو آهي. پوءِ پڙ ۽ تر جي وچ ۾ اگڙيون يا ڪپهہ رکي، انهن ٻنهي کي ڳنڍبو آهي. ائين رلي تيار ٿي ويندي آهي.

ٽُڪ واري رلي: هڪ رنگ جي ڪپڙي تي، ٻئي رنگ جو ٽڪرو اوتين سان جوڙبو آهي: جنهن تي تمام سهڻي ۽ سنهي ٽُڪ ٽيل هوندي آهي. مختلف رنگن جا گل، مختلف رنگن جي ڪپڙي سان جڏهن جوڙبا آهن، تڏهن انهن جو حسن ڏسڻ وٽان هوندو آهي. اهي گل پاڻ ۾ جوڙي هڪ چادر ناهي ويندي آهي، جنهن کي "پُڙ" چئبو آهي. اهو پُڙ چادر طور بہ وڇايو ويندو آهي. جيڪڏهن رلي ناهڻي هوندي، تہ ان هيٺان ايڏوئي ڪپڙي جو ٽڪر رکبو آهي. ان کي "تَر" چئبو آهي. پوءِ "پُڙ" ۽ "تر" جي وچ ۾ اگڙيون يا ڪپهہ وجهي انهن ٻنهي کي ڳنڍبو آهي، تہ رلي ٺهي ويندي آهي.

گهڻيون سُگهڙ عورتون وري رليءَ ۾ ٽِڪون بہ ٽاڪينديون آهن. ائين رليءَ جي سونهن اڃا بہ وڌي ويندي آهي ۽ اها غاليچي جو ڏيک ڏيندي آهي.

رلي کٽ يا پلنگ تي بہ وڇائبي آهي، تہ مٿان بہ ڍڪبي آهي. گهر ۾ مهمان ايندو، تہ ان کي سيني ڪان پلي رلي وڇائي ڏيندا آهن.

رلي، سوکڙيءَ طور بہ ڏني ويندي آهي. هاڻي هن جديد زماني ۾ رليءَ جي ڊزائين ۾ بہ جدت ايندي ٿي وڃي. انهن نت نين ڊزائينن ۾ پکي، منظر، عبارتون وغيره اچي ٿيون وڃن.

Scanned by CamScanner

سنڌ جون سُگهڙ عورتون رلي ٺاهي، نہ رڳو پنهنجو وقت سجايو ڪن ٿيون ۽ پنهنجي ثقافت کي جيارين ٿيون، بلڪ ان هنر مان هو چڱو پئسو پڻ ڪمائين ٿيون.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

۱- دستڪاريءَ جي معنيٰ ڇا آهي؟

۲- رليءَ جا گهڻا قسم آهن؟

۳- ٽڪر ڳنڍي جيڪا چادر ٺاهبي آهي، ان کي ڇا ٿو چئجي؟

۴- سگهڙ عورتون رليءَ ۾ ڇا ٽاڪينديون آهن؟

(ب) هيٺين لفظن جا ضد ٻڌايو:

وڏڙين- پراڻن- جوڙيو- اجايو- جديد.

(ج) هيٺ ڏنل لفظن مان صحيح لفظ چونڊي خال ڀريو:

(غاليچي- چادر- هٿ جو ڪم- سگهڙ.)

۱- دستڪاريءَ جي معنيٰ آهي ________.

۲- سنڌ جون عورتون ڏاڍيون ________ آهن.

۳- ان ڀَرَ کي ________ طور بہ وڇائبو آهي.

۴- اها ________ جو ڏيک ڏيندي آهي.

Scanned by CamScanner

سبق ايڪيهون

پورهئي جي اهميت

محنت ڪر تون محنت پار،
محنت مڙسن جو سينگار.

محنت سان ٿئي عزت حاصل،
مال متاع ۽ دولت حاصل،
عظمت حاصل، راحت حاصل،
محنت سان تين بيڙا پار،
محنت ڪر تون محنت پار.

ننڊ نياڳ، نحوست آهي،
جاڳ ته ڀاڳ ۽ راحت آهي،
حرڪت ۾ ئي برڪت آهي،
پل نه وڃائج تون بيڪار،
محنت ڪر تون محنت پار.

ڇڏ تون غفلت ۽ گينواري،
وينئي جن آ عمر گذاري،
تن جي حياتي آهي خواري،
راتيان ڏينهان ڪر ڪم ڪار،
محنت ڪر تون محنت پار.

– نواز علي شوق

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- محنت سان ڇا ٿو حاصل ٿئي؟

٢- مڙسن جو سينگار ڇا آهي؟

(ب) هيٺين جا ضد لکو:

نندِ- ياڳ- بيڪار- حياتي.

(ج) نظم ۾ "ٻار"، "ڪار" هم آواز لفظ آهن، توهان اهڙا ڪي ٻه ٻه هم آواز ٻڌايو؟

(د) هيٺين مان درست صورتخطيءَ وارن لفظن تي (✓) جو نشان ڪريو:

١- غلفت/ فلغت/ غفلت.

٢- سنيگار/ سينگار/ سيگار.

٣-راتيان/ راتان/ راتا.

٤- ڏيها/ ڏيهان/ ڏينهان.

Scanned by CamScanner

سبق ٻاويهون

عمر ڪوٽ



عمر ڪوٽ، سنڌ جو هڪ قديم شهر آهي، ۽ هينئر عمر ڪوٽ ضلعي جو مرڪز آهي. هي شهر ڪيترن ئي حاڪمن جي گاديءَ جو هنڌ ٿي رهيو آهي. عمر ڪوٽ، ڇوڙ ريلوي اسٽيشن کان اٽڪل ارڙهن ڪلوميٽر پري آهي. ميرپورخاص کان، لاريءَ يا موٽر رستي اٽڪل ستر ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي.

عمر ڪوٽ جو پُراڻو قلعو، جنهن ۾ اڪبر اعظم ۱۵۴۲ع ۾ ڄائو هو، سو موجوده شهر کان، سَڌ پَنڌ تي، اُتر طرف هو. اتي اڪبر بادشاهه جي ڄمڻ جي سلسلي ۾ يادگار ٺهيل آهي.

Scanned by CamScanner



قلعي جي هرهڪ پاسي جي ڊيگهه ١٥٢٫٥ ميٽر کن ٿيندي. پٽ جي اوچائي ١٢٫٢ ميٽر ٿيندي. قلعي جي پٽ ايتري ته ويڪري آهي، جو مٿس هڪ وقت ۾ گهوڙي سوار گڏ هلي سگهن ٿا.

قلعي جي چئني ڪُنڊن تي بُرج ٺهيل آهن ۽ مکيه دروازي تي پٽر جا ٻه بُرج ٺهيل اٿس. وچ ۾ هڪ وڏو بُرج ٺهيل آهي، جنهن تي توبون رکيل آهن. پاڪستان جي آزاديءَ واري ڏينهن بُرج تي، پاڪستان جو قومي جهنڊو چاڙهيو ويندو آهي. قلعي جا چار وڏا دروازا آهن. اندر هڪ باغيچو به آهي. قلعي اندر سرڪاري جايون ۽ عجائب گهر آهي.

هتي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ پرائمري ۽ هاءِ اسڪول آهن. هتي ڇوڪرن لاءِ گورنمينٽ ڪاليج پڻ آهي. ان کانسواءِ مختيارڪار جي آفيس، ميونسپل آفيس، اسپتال، سرڪٽ هائوس، ٿاڻو ۽ مسافر خانو پڻ آهي.

عمر ڪوٽ جو شهر، ٿر علائقي جو واپاري مرڪز آهي. آزاديءَ کان پوءِ هن شهر چڱي ترقي ڪئي آهي.

Scanned by CamScanner

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- عمر ڪوٽ جو شهر ڪٿي آهي؟

٢- هي شهر ميرپورخاص کان ڪيتري پنڌ تي آهي؟

٣- اڪبر بادشاه ڪٿي ڄائو هو؟

۴- قلعي جي پٽ ڪيتري ويڪري آهي؟

٥- هن قلعي ۾ ڪهڙي شيءِ ڏسڻ وٽان آهي؟

(ب) صحيح صورتخطيءَ وارن لفظن تي (✓) جو نشان ڏيو:

ڪَديم/ قديم

ڪلومٽر/ قلوميٽر/ ڪلوميٽر

مفاسلي/ مفاصلي/ مفاٿلي

اجائب گهرَ/ عجاعب گهر/ عجائب گهر.

Scanned by CamScanner

سبق ٽيويهون

ڪُنڀار



اسين گهرن ۾ توڙي ٻاهر پيئڻ جو پاڻي ڀري رکڻ لاءِ ٺِڪر جا ٿانو ڪم آڻيندا آهيون. اهي ٿانو ڪنڀار ٺاهيندو آهي.

ڪنڀار، ڀڀريائين چيڪي مٽي آڻي، ڍير ڪندو آهي. پوءِ انهيءَ مٽيءَ کي ڪُٽي سَتي، سنهون ڪري، هڪ ڇَلهو ٺاهيندو آهي. ڇَلهي ۾ پاڻي وجهي ڇڏيندو آهي، ته جيئن مٽي چڱيءَ طرح پُسي وڃي. ان پُسايل مٽيءَ کي، اُٿلائي پُٿلائي ملائيندو آهي. جڏهن ڏسندو آهي ته مٽي چڱيءَ طرح ملي ويئي آهي، تڏهن ان مان چاڻا ٺاهي رکندو آهي. هڪ هڪ چاڻي کي چَڪَ تي چاڙهي، چڪ کي گهمائي، قسمين قسمين ٿانوَ ٺاهيندو آهي.

چڪ تان لاهڻ کان پوءِ، ڪچن ٿانوَن کي ڦڪَرو ڪندو آهي. پوءِ ڪاٺ جي ٺپڻيءَ سان، انهن کي هوريان ٺپي ٺاهي، ٺيڪ ڪندو آهي. ٺپيل ٿانون کي سُڪائي،

Scanned by CamScanner

انهن تي چٽ ڪڍندو آهي، جڏهن سڀ ٿانو تيار ٿي ويندا آهن، تڏهن انهن کي آويءَ ۾ پڄائيندو آهي. پڄڻ کان پوءِ ٿانوَ ڏاڍا سهڻا لڳندا آهن.

ٺڪر جي گهڙن، مٽن ۽ گهگهين جو پاڻي اونهاري ۾ جهولن لڳڻ تي، ڏاڍو ٿرندو آهي. اسين پنهنجي گهرن ۾ گهڻو ڪري ٺڪر جا ٿانوَ استعمال ڪندا آهيون.

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- اوهان ٺڪر جا ڪهڙا ڪهڙا ٿانوَ ڏٺا آهن؟

٢- ٺڪر جا ٿانوَ ڪير ٺاهيندو آهي؟

٣- آوي جا ڪي ٿو چئجي؟

٤- ڪنيارن کانسواءِ ٻيا ڪهڙا ڪهڙا ڪاريگر آهن؟

(ب) هيٺين لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو:

چلهو- چاڻو- سهڻا- ٿانو- جهولو- ٺڪرو.

(ج) هيٺيان خال ڀريو:

١- ٺڪر جا ٿانو ________ ٺاهيندو آهي.

٢- ڪاٺ جو سامان ________ ٺاهيندو آهي.

٣- لوهه جو ڪم ________ ڪندو آهي.

٤- سونا زيور ________ ٺاهيندو آهي.

(د) ٺڪر جي پنجن ٿانوَن جا نالا لکو:

Scanned by CamScanner

سبق چوويهون

علم جي روشني

اسان جي زندگيءَ ۾ علم کي وڏي اهميت آهي. علم کانسواءِ نہ تہ اسين پاڻ ترقي ڪري سگهون ٿا، نہ ئي پنهنجي ملڪ کي ڪو فائدو رسائي سگهون ٿا. اسان مسلمانن لاءِ تہ علم حاصل ڪرڻ کي فرض قرار ڏنو ويو آهي. اسان جي نبي سڳوري حضرت محمد صلّي الله عليه وآلهٖ وسلّم جن فرمايو آهي، تہ: "علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان مرد توڙي عورت تي فرض آهي."

علم روشني آهي ۽ جهالت اونداهي. جهالت جي اونداهيءَ کي صرف علم جي روشنيءَ سان ئي ختم ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ اونداهي کي ختم ڪرڻ لاءِ، جن ماڻهن علم جي روشني پکيڙي، اسين انهن جو نالو اڄ بہ عزت ۽ احترام سان وٺون ٿا. خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر بہ اهڙن ماڻهن مان هو.

مير صاحب پنهنجي سڄي زندگي انهيءَ اعليٰ مقصد لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. خاص ڪري لاڙ واري حصي ۾ سندس تعليمي خدمتون وساري نٿيون سگهجن. سڄي سنڌ ۾ لاڙ وارو حصو، تعليمي لحاظ کان پٺتي پيل هو. هڪ تہ انگريز کان نفرت جي ڪري بہ ماڻهن ۾ انگريزي تعليم کان نفرت هئي. ٻيو تہ غريب ماڻهن وٽ اهڙا وسيلا نہ هئا، جو هو پنهنجي ٻارن کي پڙهائي سگهن. مير صاحب کي انهيءَ ڳالهہ جو ڏاڍو احساس هو. انهيءَ احساس جي نتيجي ۾ ئي پاڻ ٽنڊي باگي ۾ هڪ انگريزي اسڪول قائم ڪيائين.

مير صاحب، انهيءَ اسڪول کي هلائڻ جو ڪم محمد صديق مسافر جي حوالي ڪيو. مسافر صاحب پاڻ بہ هڪ وڏو اديب، شاعر ۽ بهترين استاد ٿي گذريو آهي. هن بہ پنهنجي زندگي، تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. اڄ تہ انهيءَ مدرسي جي ڪهاڻي توهان کي ٻڌايون، جيڪا انهن ٻن عظيم انسانن جي همت ۽ محنت جي هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي.

Scanned by CamScanner

سڀ کان پهرين اسڪول لاءِ هڪ جاءِ مسواڙ تي ورتي وئي. چار پنج ڪاٺ جا بينچ ٺهرايا ويا. ميزون ۽ ڪرسيون مير صاحب جي بنگلي مان اچي ويون. اسڪول جي ٻئي ضروري سامان لاءِ به مير صاحب پئسا ڏنا. شاگردن جو مسئلو اجا به باقي هو. مسافر صاحب انهيءَ مسئلي جو حل به ڳولي ڪڍيو. پاڻ پاسي واري هڪ ڳوٺ جي مڪتب مان پنج شاگرد وٺي آيو. ميرصاحب شاگردن لاءِ انگريزي پهرئين درجي جا ڪتاب گهرائي ڏنا. ائين هي اسڪول پنجن شاگردن سان ١- جنوري ١٩٢٠ع تي شروع ڪيو ويو.

اهي شاگرد، مسافر صاحب جي اوطاق تي رهندا هئا. سندن ماني به مسافر صاحب جي گهر تيار ٿيندي هئي. شاگردن جي رهائش، مانيءَ ۽ ڪتابن جو خرچ به مير صاحب پريندو هو. وقت گذرڻ سان گڏ شهر جا ڇوڪرا به اسڪول ۾ داخل ٿيڻ لڳا. ان سان گڏ ٻهراڙيءَ جي اسڪولن ۽ مڪتبن مان به شاگرد ايندا رهيا.

جڏهن شهر کان پري واري شاگردن جو تعداد پندرهن سورهن تائين پهتو، ته مير صاحب اسڪول جي پرسان هڪ ٻي وڏي جاءِ بورڊنگ هائوس لاءِ مسواڙ تي وٺي ڏني.

١٩٢١ع ۾ اسڪول ۾ شاگردن جو تعداد چاليهه تي ويو. انهن مان ڏهه شهر جا، باقي سڀ ٻاهر جا شاگرد هئا.

١٩٢٢ع جي شروع ۾ مير صاحب اسڪول جي نئين بلڊنگ ٺهرائڻ شروع ڪئي، جنهن ۾ اڄ ڏينهن تائين اهو اسڪول گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي نالي سان هلي رهيو آهي.

١٩٢٣ع ۾ موجوده بلڊنگ ۾ پنج ڪلاس روم، هڪ هيڊ ماستر جي آفيس، ٽيچرس روم، بورڊنگ هائوس جي اُتر واري لائين، ڊائننگ روم، ٻاهرين ماسترن جي رهڻ لاءِ ڪوارٽر ۽ جامع مسجد ٺهي چڪي هئي. ١٩٢٤ع ۾ مسواڙي جاين کي ڇڏي، اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس نين عمارتن ۾ شروع ڪيو ويو.

اُهو اسڪول، جيڪو مسافر صاحب پنجاهه رپيا ماهوار پگهار تي ۽ صرف پنجن شاگردن سان شروع ڪيو هو، ان ۾ سندس چارج ڏيڻ وقت ڏيڍ سؤ شاگرد ۽ ست ماستر ڪم ڪندڙ هئا.

انهيءَ اسڪول مان اڄ تائين هزارين شاگرد تعليم حاصل ڪري چڪا آهن ۽ مختلف شعبن ۾ پنهنجي ملڪ جي خدمت ڪري رهيا آهن. خان بهادر مير غلام محمد ٽالپر ۽ محمد صديق مسافر ڪالهه علم جي جيڪا مشعل ٻاري هئي، اڄ انهيءَ جي روشني پري پري تائين پکڙجي چڪي آهي.

Scanned by CamScanner

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- اسان جي نبي سڳوري صلّي الله عليه وَآلهٖ وَسلّم علم حاصل ڪرڻ بابت ڇا فرمايو آهي؟

٢- سڄي سنڌ ۾ ڪهڙو حصو تعليمي لحاظ کان پٺتي هو؟

٣- مير صاحب اسڪول کي هلائڻ جو ڪم ڪنهن جي حوالي ڪيو؟

٤- اهو اسڪول گهٽڻ شاگردن سان شروع ڪيو ويو هو؟

(ب) مناسب لفظن سان خال ڀريو:

١- علم روشني آهي ۽ جهالت ________.

٢- اهي شاگرد مسافر صاحب جي ________ تي رهندا هئا.

٣- شاگردن جي رهائش، ________ ۽ ڪتابن جو خرچ بہ مير صاحب ڀريندو هو.

(ج) هيٺيان جملا درست ڪريو:

١- اسان جي اسڪول ۾ اٺين جون بہ ڪلاسون آهن.

٢- منهنجون ڪتابون سٺيون آهن.

٣- اسڪول ۾ شاگردن جي تعداد چاليهہ آهي.

(د) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

اونداهي- پڪيڙي- ماني- بلڊنگ- صرف.

(ھ) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

اونداهي- فائدو- ختم- نفرت- ڀهراڙي- پري- نئين- هلي.

Scanned by CamScanner

سبق پنجويهون

اخلاقي قدر (نظم)

رنگ ۽ نسل جي لِيڪَن کي مِٽايون گڏجي،
باهه نفرت جي جتي آهي، وِسايون گڏجي.

موهه مايا جو، ڪُپت، ڪوڙ، حسد ۽ ڪِينو،
پاڙ کي "پاڙ" جي ڦندن مان ڇڏايون گڏجي.

عِلم سان حِلم هجي، سوچ سان گڏ سچّائيَ،
اهڙو پيغام زماني کي ٻُڌايون گڏجي.

امن عالمَ جو رهي شال سَدائين قائم،
هيءَ دعا آهي، مگر وِک ته وڌايون گڏجي.

زندگي آهي ٻين لاءِ، ٻين سان آهي،
ڪو ٻُڏي ٿو ته هلي ان کي بَچايون گڏجي.

آهي انسان ۾ الفت ۽ وفا جي خوشبو،
هي به ڏَنُ آهي، اچو ان کي وَڌايون گڏجي.

ڪُوڙ جي ڏُوڙ ۾ ڪائي جا تڪر پيا ڳوليون،
ماڻڪن لاءِ هلو پنڌ پُڇايون گڏجي.

– شيخ عبدالحليم "جوش"

Scanned by CamScanner

مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

١- شاعر زماني کي ڪهڙي پيغام ٻڌائڻ لاءِ ٿو چوي؟

٢- زندگي ڪنهن جي لاءِ آهي؟

٣- انسان ۾ ڇا جي خوشبوءِ آهي؟

(ب) نظم ۾ "مِٺايون"، "وِسايون" هم آواز لفظ آهن، توهان ترتيب سان نظم ۾ آيل ٻيا هم آوازَ لکو.

(ج) هيٺيان جملا درست ڪريو:

١- اج موسم سُٺو آهي.

٢- منهنجو دل مضبوط آهي.

٣- تنهنجون ڪتابون مون وٽ آهن.

٤- منهنجو ياءُ ڪلهه ايندو.

Scanned by CamScanner

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا
سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڄامشورو وٽ محفوظ آهن.
سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڄامشورو سنڌ، پاران تيار ڪيل ۽
سنڌ صوبي لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل.

قومي ترانو

پاڪ سرزمين شاد باد   ڪِشورِ حسِين شاد باد
تو نشانِ عزمِ عالي شان   ارضِ پاڪستان
مرڪزِ يقين شاد باد

پاڪ سرزمين ڪا نظام   قوّتِ اُخوّتِ عوام
قوم، مُلڪ، سلطنت   پائنده تابِنده باد
شاد باد منزلِ مراد

پرچمِ ستاره و هلال   رهبرِ ترقّي و ڪمال
ترجمانِ ماضي، شانِ حال   جانِ اِستقبال
سايۂ خدائي ذوالجلال



سلسليوار نمبر 5777

قيمت	تعداد	ڇاپو	ڇپجڻ جو مهينو ۽ سال
12.65	20,000	2nd	September 2006

ڪوڊ نمبر 55

Scanned by CamScanner